# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريہ 2017

# SINDH ACT NO.XVIII OF 2017

# سنڌ انفرااسٽرڪچر جي ترقي ۽ مرمت سيس ايڪٽ، 2017

# THE SINDH DEVELOPMENT AND MAINTENANCE OF INFRASTRUCTURE CESS ACT, 2017

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

باب _I

شروعاتي

Chapter_I

Preliminary

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

باب_II

سيس جي اهميت

Chapter_II

Scope of Cess

3.سيس جي وصولي

Levy of Cess

4.سيس ادا ڪرڻ لائق شخص

Person liable to pay cess

5.سيس جي ادائگي

Payment of cess

6.ڇوٽ

Exemptions

باب_III

ڏوهہ ۽ ڏنڊ

Chapter_III

Offences and Penalties

7.ڏنڊ

Penalty

8.ڏنڊ جي ڇوٽ

Waiver of Penalty

باب_IV

متفرقات

Chapter_IV

Miscellaneous

9.اپيل

Appeal

10.نظرثاني

Revision

11.واپسي جي دعوي

Claim of Refund

12.سيس جو استعمال

Utilization of cess

13.ڪارگر هئڻ

Validation

14.ضمانت

Indemnity

15.دائره اختيار تي پابندي

Jurisdiction barred

16.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

17.تحفظ

Savings

18.اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Overriding effect

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVIII مجريہ 2017

# SINDH ACT NO.XVIII OF 2017

# سنڌ انفرا اسٽرڪچر جي ترقي ۽ مرمت سيس ايڪٽ، 2017

# THE SINDH DEVELOPMENT AND MAINTENANCE OF INFRASTRUCTURE CESS ACT, 2017

[26 اپريل 2017]

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي ۾ داخل ٿيندڙ يا ٻاهر ويندڙ يا هوائي يا سامونڊي رستي ملڪ کان ٻاهر ويندڙ شين تي سيس جي وصولي سان لاڳاپيل قانون کي مضبوط ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبي ۾ داخل ٿيندڙ يا ٻاهر ويندڙ يا هوائي يا سامونڊي رستي ملڪ کان ٻاهر ويندڙ شين تي سيس جي وصولي سان لاڳاپيل قانون کي مضبوط ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيئن صوبي جي انفرا اسٽرڪچر کي ترقي وٺرائي ۽ مرمت ڪري سگهجي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

| | |
|---|---|
| باب_I<br>شروعاتي<br>Chapter_I<br>Preliminary | **باب_I**<br>**شروعاتي**<br>**Chapter_I**<br>**Preliminary** |
| مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات<br>Short title, extent and commencement | 1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ انفرااسٽرڪچر جي ترقي ۽ مرمت سيس ايڪٽ، 2017 سڏيو ويندو.<br>(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.<br>(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ ان کي پهرين جولاءِ 1994 کان لاڳو سمجهيو ويندو. |
| وصفون<br>Definitions | 2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:<br>(a) "سيس" مطلب ايڪٽ جي دفعہ 3 تحت واجب الادا سيس؛<br>(b)"ڊائريڪٽر" مطلب ڊائريڪٽر ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول؛<br>(c)"ڊائريڪٽر جنرل" مطلب ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول، سنڌ؛<br>(d)"ڊسٽرڪٽ ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول آفيسر" مطلب سينئر ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول |

آفيسر يا ضلعي جو ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول آفيسر، جنهن کي دائره اختيار هجي؛

(e) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) "مالڪ" مطلب اهو شخص جنهن جي نالي تي شيون داخل ٿي رهيون آهن يا صوبي کان ٻاهر نڪري رهيون آهن يا ملڪ کان ٻاهر هوائي يا سامونڊي رستي وچي رهيون آهن ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪليئرنگ ايجنٽ؛

(g)"بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(h)"شخص" جنهن ۾ شامل آهي شخص، اثاثو ڪا ڪمپني يا ايسوسيئيشن يا ماڻهن جي باڊي، اها انڪارپوريٽيڊ هجي يا نہ هجي؛

(i) "صوبو" مطلب سنڌ صوبو؛

(j) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛ ۽

(k)"شيڊول" مطلب هن ايڪٽ ۾ لڳايل شيڊول.

باب_II
سيس جي اهميت
Chapter_II
Scope of Cess

## باب _II

## سيس جي اهميت

## Chapter_II

## Scope of Cess

سيس جي وصولي
Levy of Cess

3.شين تي انفرااسٽرڪچر جي مرمت ۽ ترقيءَ لاءِ سيس لڳايو ۽ جمع ڪيو ويندو. اهڙن ريٽس تي جيڪي انهن جي قيمت، وزن ۽ مفاصلي جي حساب سان شيڊول موجب طئي ڪيا ويندا؛ روڊ رستي ۽ صوبي ۾ آساني سان ۽ محفوظ

رستي هلڻ لاءِ صوبي ۾ داخل ٿيڻ وقت يا صوبي کان ٻاهر
ڇڏڻ وقت يا ملڪ کان ٻاهر هوائي يا سامونڊي رستي
نڪرڻ وقت:

بشرطيڪ سول تي سيس سون جي قيمت جي 0.125 سيڪڙو برابر اوڳاڙي ويندي.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ لفظ "انفرااسٽرڪچر" ۾ شامل آهن، روڊز، پلون، ڪلورٽس، رستن تي لائٽون، رستن تي ٻوٽا پوکڻ، سامونڊي ڪنارا، عوامي پارڪس، عوامي تفريح ۽ سهولت جا هنڌ، ڪاٺ پيئڻ جون جڳهون، زمينون، جهنگ، فشريز ڊيلٽا جو تحفظ ڏنڊون، آبي زندگيءَ جون بريڊنگ وارين جڳهون، جهنگلي جيوت ۽ ان جون جڳهون، عوامي اسڪول، ووڪيشنل ۽ ٽريننگ سينٽرز ۽ پراجيڪٽس، لائبريريز ميوزيمز ۽ ساڳئي قسم جا ادارا جيڪي صوبي طرفان هلايا ۽ مالي مدد ڪيا وڃن، روانيءَ سان هلڻ لاءِ ٽريفڪ جو ضابطو ۽ شين جي محفوظ چرپر، پبلڪ آرڊر پوليس فورس، شين جي تحفظ لاءِ پيٽرول، شين جي لوڊنگ ۽ انلوڊنگ لاءِ اسٽينڊز پارڪنگ جڳهون، مارڪيٽس، واٽر سپلاءِ، اسپتاون ۽ ڊسپينسريز ۽ اهڙن معاملن جي ترقي، سڌارو مرمت ۽ تحفظ.

سيس ادا ڪرڻ لائق شخص
Person liable to pay cess

4.(1) مالڪ شين جي صوبي ۾ داخل ٿيڻ تي يا صوبي کان ٻاهر يا هوائي يا دفعہ 3 تحت سامونڊي رستي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ تي شين تي لڳايل سيس جي ادائگي جو پابند هوندو.

(2) هن دفعہ ۾ شامل ڪجهہ بہ ڪنهن شخص کي جيڪو ڌار گڏيل طور يا مجموعي طور هن ايڪٽ يا قاعدن موجب سيس جي ادائگي جو پابند ڄاڻايو ويو آهي، ان کي

سيس جمع ڪرائڻ کان نہ بچائيندو.

**سيس جي ادائگي / Payment of cess**

5.(1) شين جي صوبي ۾ داخل ٿيڻ يا صوبي کان ٻاهر وڃڻ يا ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي صورت ۾، سيس ساڳئي طريقي واجب الادا هوندو ۽ ساڳئي وقت تي جيئن انهن تي ڪسٽم ڊيوٽي هئي، جهڙوڪ اهڙين شين تي اهڙي ڊيوٽي واجب الادا هئي.

(2) سيس جي رقم اهڙي اڪائونٽ هيڊ ۾ جمع ڪرائي ويندي جيڪو حڪومت طرفان ڄاڻايو ويو هجي.

**ڇوٽ / Exemptions**

6. جيستائين ڪجهہ دفعہ 3 ۽ 5 جي متضاد نہ هجي، حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، سبب رڪارڊ ڪرڻ لاءِ، ڪن شين يا شين جي ڪيٽيگري ۽ ڪلاس کي سموري يا شيس جو ڪجهہ حصو بيان ڪيل قاعدن موجب ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي.

باب_III
ڏوهہ ۽ ڏنڊ
Chapter_III
Offences and Penalties

## باب _III
## ڏوهہ ۽ ڏنڊ
## Chapter_III
## Offences and Penalties

**ڏنڊ / Penalty**

7.جتي شيون سيس جي ادائگي بنا هٽايون وڃن، ٽرانسپورٽ ڪيون وڃن يا شپ ڪيون وڃن، هڪ مهيني کانپوءِ مالڪ ٻئي ڪنهن قدم سان تضاد ڪانسواءِ جيڪو سندس خلاف کنيو ويندو، اهو ڏنڊ لائق هوندو جيڪو نہ پريل سيس جي رقم کان وڌيڪ نہ هوندو.

**ڏنڊ جي ڇوٽ / Waiver of**

8.هيٺيان عملدار لکت ۾ حڪم ذريعي، سبب رڪارڊ ڪرائڻ بعد، ڏنڊ جي ادائگي ختم ڪري سگهن ٿا:

| | |
|---|---|
| Penalty | (a) لاڳاپيل ڊائريڪٽر ـ/10,000 رپين تائين؛<br>(b) ڊائريڪٽر جنرل ـ/10,000 رپين تائين؛<br>(c) سيڪريٽري، ايڪسائيز، ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڊپارٽمينٽ، ـ/20,000 رپين تائين، پر ـ/20,000 رپين کان وڌيڪ جي صورت ۾ حڪومت جي منظوري سان. |
| باب ـ IV | **باب ـ IV** |
| متفرقات | **متفرقات** |
| Chapter_IV | **Chapter_IV** |
| Miscellaneous | **Miscellaneous** |
| اپيل<br>Appeal | 9. ڪو شخص جيڪو ڊسٽرڪٽ ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول آفيسر جي حڪم سان متاثر ٿيو هجي، اهو ٽيهن ڏينهن اندر اهڙي حڪم خلاف لاڳاپيل ڊائريڪٽر ايڪسائيز، ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڊپارٽمينٽ کي اپيل ڪري سگهي ٿو. |
| نظرثاني<br>Revision | 10.(1) حڪومت، ڪنهن بہ وقت، پاڻمرادو تحرڪ تي، يا ان کي ڪيل درخواست تي ڪو حڪم جاري ٿيڻ جي نوي ڏينهن اندر پيل ڪنهن ڪيس يا ان کي ماتحت ڪنهن عملدار طرفان نيڪال ڪيل ڪنهن ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿي.<br>(2) ڊائريڪٽر جنرل، ڪنهن بہ وقت، پاڻمرادو تحرڪ تي، يا ان کي ڪيل درخواست تي ڪو حڪم جاري ٿيڻ جي نوي ڏينهن اندر پيل ڪنهن ڪيس يا ان کي ماتحت ڪنهن عملدار طرفان نيڪال ڪيل ڪنهن ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿو. |

| | |
|---|---|
| 11.ڪو بہ سيس واپس نہ ڪيو ويندو يا ڪنهن اٽجاٽائي، غلطي يا غلط تعمير ذريعي وڏيڪ ڀريل واپس نہ ڪيو ويندو، جيستائين اهڙي دعوي اهڙي سيس جي ادائگي جي تاريخ جي ٽن مهينن اندر نہ ڪئي وئي هجي. | واپسي جي دعوي<br>Claim of Refund |
| 12. سيس جي آمدني انفرااسٽرڪچر جي مرمت ۽ ترقي ۽ ان سان لاڳاپيل سرگرمين لاءِ استعمال ڪئي ويندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي. | سيس جو استعمال<br>Utilization of cess |
| 13. جيستائين ڪجهہ ڪنهن قانون، قاعدن يا ججمينٽ، حڪم يا عدالت جي ڊڪري جي متضاد نہ هجي، هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ سنڌ فنانس ايڪٽ، 1994 تحت ۽ ان سلسلي ۾ ڪيل ترمينن تحت اوڳاڙيل، لڳايل، چارج ڪيل ۽ جمع ڪيل انفرااسٽرڪچر سيس ڪارگر نموني اوڳاڙيل، لڳايل، چارج ڪيل ۽ جمع ڪيل سمجهيون ويندیون. | ڪارگر هئڻ<br>Validation |
| 14.سنڌ فنانس ايڪٽ، 1994جي دفعہ 9 تحت ۽ سنڌ انفرااسٽرڪچر سيس رولز جي ترقي ۽ مرمت، 1994 تحت ڪيل ڪجهہ بہ، ڪنيل قدم، تشخيص ۽ گڏ ڪيل رقم، جاري ڪيل حڪم يا ڪجهہ ڪرڻ، قدم کڻڻ جو ارادو ڪيو ويو هجي، هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ سيس جي سلسلي ۾ تہ اهو ڪارگر نموني سيس جي سلسلي ۾ ڪيل، قدم کنيل، جوڙيل يا منظور ڪيل سمجهيو ويندو ۽ ان کي اهڙيءَ طرح ئي موثر سمجهيو ويندو. | ضمانت<br>Indemnity |
| 15. هن ايڪٽ تحت ڪنهن بہ گنجائش يا ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ حڪم تي ڪنهن عدالت ۾ سوال نہ اٿاريو ويندو. | دائره اختيار تي پابندي<br>Jurisdiction barred |

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**
**Power to make rules**

16. حڪومت هن ايڪٽ جي مقصدن کي موثر نموني حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙن قاعدن ۾ ٻين معاملن سان گڏ هن ايڪٽ تحت اسيسمينٽ جمع ڪرڻ ۽ سيس اوڳاڙي جي ادائگي ۽ ان کان ڇوٽ لاءِ طريقيڪار بيان ڪري سگهي ٿي.

**تحفظ**
**Savings**

17. جتي حڪومت ڪو قدم کڻي ٿي، ڪو فيصلو ڪري ٿي يا حڪم ڪري ٿي، ڪي هدايتون جاري ڪري ٿي، وضاحتون جاري ڪري ٿي يا سيس سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ ڪنهن گجائش تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪرڻ جي سلسلي ۾ ۽ هن ايڪٽ ۽ قاعدن تحت لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ نوٽيفيڪشنز جاري ڪري ٿي، اهڙا قدم، فيصلا، حڪم، هدايتون، وضاحتون ۽ نوٽيفڪيشنز ڪارڪر نموني هن ايڪٽ ۽ قاعدن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جاري ڪيل سمجهيا ويندا.

**اوور رائيڊنگ افيڪٽ**
**Overriding effect**

18. هن ايڪٽ کي اوور رائيڊنگ افيڪٽ حاصل هوندو، تيستائين جيستائين ڪجهه ڪنهن ٻئي قانون يا وقتي طور لاڳو قانون جي متضاد نه هجي.

## شيڊول
**(ڏسو دفعه 2(k) ۽ 3)**

## Schedule
**(See Section 2(k) & 3)**

| شين جو وزن | مفاصلي سان گڏ سيس جو ريٽ |
|---|---|
| 1250 ڪلوگرامز تائين | شين جي ڪل قيمت جو 1.10 سيڪڙو جيئن ڪسٽم |

| | |
|---|---|
| | اٿارٽيز طرفان ورتو ويو هجي واڌو 1 پئسو في ڪلوميٽر |
| 1250 ڪلوگرامز کان وڌيڪ هجي پر 2030 ڪلوگرامز کان وڌيڪ نہ هجي. | شين جي ڪل قيمت جو 1.11 سيڪڙو جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفان ورتو ويو هجي واڌو 1 پئسو في ڪلوميٽر |
| 2030 ڪلوگرامز کان وڌيڪ هجي پر 4060 ڪلوگرامز کان وڌيڪ نہ هجي. | شين جي ڪل قيمت جو 1.12 سيڪڙو جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفان ورتو ويو هجي واڌو 1 پئسو في ڪلوميٽر |
| 4060 ڪلوگرامز کان وڌيڪ هجي پر 8120 ڪلوگرامز کان وڌيڪ نہ هجي. | شين جي ڪل قيمت جو 1.13 سيڪڙو جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفان ورتو ويو هجي واڌو 1 پئسو في ڪلوميٽر |
| 8120 ڪلوگرامز کان وڌيڪ هجي پر 16000 ڪلوگرامز کان وڌيڪ نہ هجي. | شين جي ڪل قيمت جو 1.14 سيڪڙو جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفان ورتو ويو هجي واڌو 1 پئسو في ڪلوميٽر |
| 16000 ڪلوگرام کان وڌيڪ هجي | شين جي ڪل قيمت جو 1.15 سيڪڙو جيئن ڪسٽم اٿارٽيز طرفان ورتو ويو هجي واڌو 1 پئسو في ڪلوميٽر |

وضاحت I: شيڊول جي مقصد لاءِ "اگهہ" مطلب شين جي ڪل قيمت جيڪا ڪسٽم اٿارٽيز طرفان داخل ٿيڻ تي ۽ صوبي جو انفرااسٽرڪچر استعمال ڪرڻ تي ورتي وئي

هجي ۽ "مفاصلو" مطلب جيڪو صوبي ۾ مفاصلو طئي ڪيو ويو هجي.

وضاحت II: جيستائين ڪجهہ دفعہ 3 جي گنجائش جي متضاد نہ هجي، صوبي کان ٻاهر ويندڙ يا ملڪ کان ٻاهر ويندڙ شيون، هوائي يا سامونڊي رستي، انهن کان زيرو پرسنٽ ريٽ تي چارج ڪيو ويندو.

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**